(۴)

# آڪيرو ڦٽي ويو ......

ٻانهون ڳوڏن جي چوڌاري ويڙهي، صندليءَ تي سرير کي لوڏيندي، رڪما اُداس نگاهه ڪٽي دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي ۽ آهستي چيائين، ”شانتي، مان اصل ڏاڍي ڪيچلي آهيان، ڪيس تنگ نه ڪريان ها ته جيڪر چو چوي ها ته امتحان جو وقت مان هاسٽل ۾ رهندس. گهر ۾ اصل ڪو نه پڙهي سگهندس. پوءِ ته مان اڃا بڙودي ۾ ئي رهي پيئي هجان ها، جڏهين ٻابي ۾ ڪيس نوڪري ملي ها تڏهن مان هتي اچان ها.“

شانتيءَ جو ڪن رڪما جي ڳالهين ڏانهن هو پر هٿن سان ڦلڪو تئي تي اُٿلائي رهي هئي. اوچتو رڪما ڪيس ٻانهن کان ڌونڌاري چيو، ”جڏهين هو ڪامرس جو امتحان ڏيئي هتي ايندو، تڏهين ڪيڏي نه رونق لڳندي. شانتي! سچ ٻڌاءِ ڏاڍي رونق لڳندي نه؟“

شانتيءَ تئي تان ڦلڪو لاهي سڪيءَ جي منهن ۾ نهاري، پنهنجين اکين جا ڇپڙ سوڙها ڪري پيار مان چيو، ”پڳلي!“ ۽ ٻئي کلڻ لڳيون.

شيام اچي چيو، ”شڪر آهي جو شانتيءَ کي دل گهري پاڙيسرڻ ملي آهي. ڪلو تہ وينيون.“

شانتيءَ عجب مان پڇيو، ”توهين ڪڏهين آيا ؟“

”اهو بہ ڪو سوال آهي، هينئر ئي آيو آهيان.“ ائين چئي شيام ڪپڙا مٽائڻ لڳو تہ رڪمڻيءَ منهن سجائي پڻ پڻ ۾ چيو، ”دادا تہ کهڙو آهي. هاڻي مان پاڙيسرڻ آهيان.“ ۽ اَڪري اَڪري پنهنجي روم جي دروازي جو پردو هٽائي هلي ويئي.

شيام ڪپڙا مٽائي پڙهڻ ويهي رهيو. پنهي ڪمرن ۾ چپچپات لڳي ويئي. رڳو بلبن جي تيز روشنيءَ ۾ گهر جي سجائي وڏيڪ پئي بکي. ٿورن منٽن ۾ ماني سڀ تيار ٿي ويئي. شانتي اچي کٽ تي ويهي رهي. ڌيمي آواز ۾ پڇيائين، ”روٽي پايان ؟“

نہ، ويهہ منٽ ترس مان هيءَ اخبار پڙهي وٺان.“

شانتي چپ ڪري ويهي رهي. پر ڪيچلي رڪمڻي الائي ڪيڏي مهل پير پير ۾ ڪري شيام جي ڪرسيءَ پٺيان اچي بيني. چپ چاپ ۾ هٿ ميز ڏي ڪري، ٽيبل لئمپ جو بٽڻ بند ڪري ڇڏيائين ۽ هٿ پٺيان ڪري بيهي رهي. شيام چيو، ”وري هاڻي اهي حرڪتون شروع ڪيون اٿيئي، ڪتي جو پڇ پل ڪٽي ٻاهن مهنا نر ۾ ......“ ۽ بتي ٻاري ڇڏيائين.

”سنيالي تہ ڳالهايو. مون ڪانہ بتي وسائي آهي. پٺيان ڏسو تہ ڪير بيني آهي !!“

شيام پٺي ورائي چيو، ”اڙي تون آهين رڪما !“

شانتي ڪلليءَ ۾ چانهه وجهندي فقط ”ها“ ڪئي. مگر رڪما دروازي وٽ بهي نچي نچي چئي رهئي هئي، ”ضرور هلنداسين، ضرور هلنداسين. دادا توهين کهڙا سنا آهيو. هو پاڻ تہ چوندو آهي چري آهين جو بادل ڏسي گهر ۾ ڪنيو چيچ وجهين ! مان وچي تي سنيران، شانتي جلدي تيار ٿيءُ.“

شانتي نهر سان چيو، ”توهين پلي وڃو، مونکي اڄ ٻاهر نڪرڻ تي دل ئي نٿي ٿئي.“

شيام چيو، ”اها بہ عجيب ڳالهہ آهي. ڪن کي واڳڻ وائي ڪن کي بصر بادي. هن کي بادل نچائين، هن کي بادل غمگين ڪن. چڱو تڏهين مان وري آفيس کان چو گسايان ؟“

”اڳي ڪڏهين گسايو آٿو جو اڄ ٿا گسايو ؟“ شانتي جي آواز ۾ نوڪ کان وڏيڪ گهايل ٿيل پکيءَ جي پڪار هئي. شيام يڪدم سندس ويجهو پيل صندليءَ تي ويهي چيو، ”چو ٺيڪ تہ آهين نہ ؟“

”منهنجي ٺيڪ نہ ٺيڪ هجڻ سان توهانجو مطلب ؟“

”وري ڏس مهڻا ٿي ڏين نہ. تون ٺيڪ نہ هوندي آهين تہ منهنجو بدن پيو ڏکندو آهي.“

”بدن ڏکندو آهي ڪين ڪتابن پڙهڻ جو وڏيڪ چانس ملندو آهي ؟ اڄ هيءَ نئين پيار واري هام هڻڻ ڪٿان سکيا آهيو ؟“

”وچ تون تہ پيئي ڏکيا ڏوراپا ڏي.“

جهڙو تي وچڻ مهمل ٿي ويو پر شانتيءَ جي من ۾ جا

ڪهڙو آهي؟“

شانتي ڪيتريّ دير سن ۾ ويٺي رهي. پردي جي ٻئي پاسي ٻہ سناٽو هو. منجهند تائين سڄي گهر ۾ ڪنهن ڪين ڳالهايو. رڪما چپ چاپ روٽي تيار ڪري ورتي. لڇمڻ ويٺي مورتون ڏليون. رڪما ٿالهي پائي چلائيءَ تي رکي آهستي چيو، ”اچي کائو.“

لڇمڻ پريان ئي جواب ڏنو، ”مون کي بک ڪانهي.“

رڪما تيزيءَ مان اٿي وڃي ساڙهي پاتي ۽ شالا جي ڳوٺڙي کٽي وڃڻ لڳي تہ شانتيءَ اچي چيو، ”رڪما تو ڇا رڌو آهي، مونکي تہ پنهنجي ڀاڄي وٽي ئي نٿي ... پر هي ڇا، ٿالهي پيئي هتي ٺري ۽ لڇمڻ تون اڃا ويٺو مورتون ڏسين ! اٿي رڪما شالا ۾ هلي ويندي پوءِ ڪائيندين ڇا ؟“

لڇمڻ ڪڙو منهن ڪري اٿيو. شانتيءَ رڪما کي آچار ڪڍي اچڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجي روٽي کٽي اچي چلائيءَ تي ويٺي.

شانتيءَ لڇمڻ کي چيو، ”ڀاڳن وارو آهين جو رڪما جهڙي ڇوڪري ملي اٿئي. ڇا تہ سندس ٽيچر ساراهون ڪيون آهن. چي، ”ہن مهنن ۾ ايترو سبڻ سکي آهي جو ايتري وقت ۾ سکيل ٻيءَ ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪين ايندو هوندو ......“

رڪما ماٽي سان چيو، ”بس بس. هاڻي ايڏي ساراهہ ڪندي مونکي هٺيلو نہ ڪري ڇڏين.“ شانتيءَ سندس ڳلي ۾ ٻانهن وجهي ڪاڏي پڪڙي چيو، ”منهنجي رکوءَ جهڙي نهٺي نماڻي ڪا ڳولي ليندي. رڪما جي اکين مان جهر جهر

آنسو وهڻ لڳا ۽ شانتيءَ جو پلؤ ڪٽي ان سان ڳوڙها اگهڻ لڳي.
ڇمڻ چيو، ”هاٺي ڪاڻ به. نرڙ ۾ نل ته ڪين رکيو اٿيئي جو جنهن تنهن ڳالهه تي ڳوڙها وهيو اچنئي.“ رکما ڇمڻ ڏي ڏوراپي ڀريل نگاهه سان ڏسي چيو، ”هاٺي ته مان اصل ڪين ڪائيندس.“ ۽ اٿڻ لڳي ته شانتيءَ پڪڙي ڪڻ وهاريس. ڪنهن طرح گراهي ڪائي، رکما شالا ۾ هلي ويئي.
ڇمڻ پاٺي پي، جونن هٿن سان ئي چلائيءَ تي سوچ ۾ ويٺو رهيو.
شانتيءَ پڇيو، ”چا پيو سوچين ؟“
ڇمڻ پنهنجي ئي پور ۾ ڌرتيءَ طرف ڏسندي چيو، ”پلا هن چوڪريءَ سان ڪيئن پڄجي. سمجهي ٿي پاڻ توکان سني آهي.“
شانتيءِ جي انتر آتما منجهه ڪوئي چيخڻ لڳو، ”سچ ٿي چوي، سچ ٿي چوي. منهنجي شيام کي به ته مونکان سني ٿي لڳي.“ پر ظاهري کلي چيائين، ”چو توکي ان ۾ ڪو مين ميک ٿو نظر اچي ؟“
ڇمڻ پلٽي ماري چيو، ”چئه سائين چا ۾ توکان سني آهي.“
شانتي کي ڇمڻ جي هن حجت تي من پرجي آيو. چيائين، ”اسين پنهنجي ويجهن انسانن جون چڱايون بلڪل گهٽ ٿا ڏسي سگهون. اڄ کان وٺي تون رکما جي ڏنگاين ۾ چڱايون ڏسڻ جي ڪوشش ڪر ته ڏس هوءَ ڪيڏي رسيلي نار آهي.“ چوندي چوندي سندس اکين ۾ پاٺي تري آيو ۽ پردو مٿي ڪري پنهنجو ڪٽ تي وڃي ڪري. سندس اندر ڪوئي

لڇمڻ چيو، ”روءِ تہ پيئي سڄي عمر روءِ، مان تہ ٿڪو پيو آهيان؛ وچي روٽي بہ موٽائي ڏيئي اچيس.“

شانتي تکڙو تکڙو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ اڳي وانگر وچي کٽ تي پئجي رهي. ننڍي ڪمرن ۾ ماٽ ماٽ لڳي پيئي هئي ۽ ايڏي تہ ڏکي ماٽ شروع ٿي ويئي هئي جو صبح جا روزانا ڪم ڪاريون بہ ان ڪي ضروري سوال جواب کان وڌيڪ نوڙي ڪين سگهيا. دڪيل ڪالي ڇيان سڀ ڇٽان اندر ئي اندر ڇرڪي رهيا هئا.

لڇمڻ هڪ ڏينهن، ٻہ ڏينهن صبر ڪيو. پر گهرجي رونق موٽي ڪين سگهي. ٽئين ڏينهن لڇمڻ جڏهين هٽ تا آڏي ۽ ٻہ مزور ولي آيو تڏهين شيام نوڪريءَ تي وڃي چڪو هو. جڏهن رڪما ۽ لڇمڻ جو سامان کڄي رهيو هو تڏهن شانتي پنيري ٿي، دريءَ وٽ بيٺي رئي جي ڪنڊ کي ڏندن سان چني رهي هئي.

ڪيتري دير ڪانپوءِ جڏهن مڙي، رڪما واري ڪمري ۾ نظر ڪيائين تڏهين ڪمري جي وچتي پنن جي ٽڪرين ٽڪرين ڪانسواءِ ڪجهہ ڪين هو. هوءِ ڪيتري دير چائنٽ تي ويهي رهي. سندس اکين مان جل ڏارائون وهنديون رهيون.

منهن اونداهي جو جڏهن شيام ٿڪو ٽٽو گهر موٽيو تڏهين وچواري دروازي تان پردو لٿل هو. هو سمجهي ويو تہ آکيڙو ٽٽي چڪو هو .......

(نئين دنيا ١٩٥٧)